

# راجو جي ملاقات

ٻارن لاءِ روڊ سيفٽي متعلق سلسليوار ڪهاڻي

روڊ سيفٽي ايجوڪيشن
پروگرام







اسڪول ۾ پڙهائي جي آخري ڏينهن راجو جي ماءُ کيس ٻڌايو تہ هوءَ هن کي ۽ ڪرن کي ڪا حيرت انگيز خوشخبري ٻڌائڻ واري آهي. اسڪول مان واپس پهچندي شرط راجو بي صبري سان انهيءَ حيرت انگيز خوشخبري جي باري ۾ پنهنجي ماءُ کان پڇڻ لڳو، ڪانئس انتظار بلڪل ئي نہ پئي ٿيو.

”مون توهان جي پيءُ سان ڳالهايو آهي ۽ هُن اها ڳالهہ مڃي ورتي آهي تہ توهان جي اسڪول جي موڪلن دوران هو اسان سڀني کي شهر ڏانهن توهان جي چاچي وٽ وٺي هلندو.“ راجو جي ماءُ چيو.

راجو خوشي وچان گهر ۾ نچڻ ۽ ٽپڻ لڳو. کيس شهر ڏاڍو وڻندو هو، ڇاڪاڻ تہ اتي هن کي گهمڻ لاءِ گهڻيون جايون جهڙوڪ سمنڊ، پارڪ، ميوزيم وغيره گهمڻ لاءِ ملنديون هيون ۽ مختلف قسمن جا ڪاڏاڪائڻ ۾ پڻ مزو ايندو هو. راجو جي پيڻ کي بہ انهيءَ ڳالهہ جي ڏاڍي خوشي هئي تہ کيس ڪافي سالن کان پوءِ پنهنجي سوٽن سان ملڻ جو موقعو ملندو.







ٻئي ڏينهن سيئي گهر وارا تيار ٿي هڪ وڏي بس ۾ شهر ڏانهن روانا ٿيا. بس ۾ ويندي رستي تي راجو پنهنجي پيءُ کان سندس چاچي جي باري ۾ پڇندو رهيو. راجو جي پيءُ کيس ٻڌايو تہ اتي رهندي کين ڏاڍو مزو ايندو. ”بابا هُو ڪم ڪهڙو ڪندو آهي؟“ راجو پنهنجي پيءُ کان پڇيو. راجو اهو ڄاڻڻ لاءِ ڏاڍو بيتاب هو.


”تون ڪجھ دير لاءِ انتظار ڇو نٿو ڪرين تہ جيئن تون پاڻ ئي ڏسي وٺين تہ هُو ڇا آهي. مون کي يقين آهي تہ هو جيڪو ڪم ڪندو آهي، تنهن مان تو کي گهڻو ڪجھ سکڻ جو موقعو ملندو.“ سندس پيءُ جواب ڏنو. راجو اهو ئي سوچيندو رهيو تہ آخر سندس چاچو ڪهڙو ڪم ڪندو هوندو، جنهن مان کيس سکڻ جو موقعو ملندو.

کجھ ڪلاڪن کانپوءِ بس اچي شھر پھتي. راجو کي ڏاڍي خوشي ٿي. ڪيس روڊ تان سرڙاٽ ڪري تيزيءَ سان لنگھي ويندڙ ڪارون، بسون، وڏيون وڏيون عمارتون ۽ باغيچا ڏاڍا پيئي وڻيا. راجو کي گھر پھچي ڏاڍي خوشي ٿي. سيئي گھر وارا سندن انتظار ڪري رھيا ھئا.



راجوءَ جا سؤٽ ۽ سندس چاچي ۽ چاچيءَ کين خوشيءَ وچان ڀليڪار چئي. ”راجو تون تہ هاڻ تمام وڏو ٿي ويو آهين...... اڳئين ڀيري مون جڏهن تو کي ڏٺو هو تہ تون مون کي گوڏن تائين مس ايندو هئين؛ هاڻي تہ تون وڏو ڇوڪرو ٿي ويو آهين“ راجو جي چاچي کيس چيو. راجو کي سندس چاچو پسند آيو. سندس وڏين مڇن ۾ شفقت ڀري دوستاڻي مرڪ ۽ انهي اميد تہ سندس بابا جي چوڻ مطابق کيس پنهنجي چاچي وٽان ڪافي ڳالهيون سکڻ جو موقعو ملڻ واري اميد جي ڪري راجو کي ذهن ۾ اها ئي سوچ هئي تہ هتي چاچي وٽ سندس وقت سٺي نموني گذرندو.






”چاچا، توهان ڪم ڪهڙو ڪندا آهيو؟“ راجو پنهنجو سامان کولڻ کان اڳ ئي بي صبريءَ مان پڇي ورتو، ”آئون واقعي انهيءَ بابت ڄاڻڻ چاهيان ٿو.“

”ٺيڪ آهي راجو... ڀلا توکي اها خبر آهي ته هڪ ٽريفڪ پوليس آفيسر ڪهڙو ڪم ڪندو آهي؟ آئون بلڪل اهو ئي ڪم ڪندو آهيان.“ سندس چاچي جواب ڏنس.

”ٽريفڪ پوليس آفيسر؟ مون پوليس جي باري ۾ ته ٻڌو آهي پر ٽريفڪ جي معاملي ۾ پوليس وارن جو ڇا وجي. ڇا توهان ڪورو قسم جي ماڻهن کي گرفتار ڪندا آهيو ۽ ماڻهن کي ٻئي ڪنهن کي تنگ ڪرڻ کان روڪيندا آهيو؟“ راجو پڇيس.



”ڦورن کي تہ ڪو نہ پڪڙيون، باقي ماڻهن کي ٻئي ڪنهن کي تنگ ڪرڻ کان ضرور روڪيندا آهيون.“ سندس چاچي جواب ڏنس. ”ڇا توکي اها خبر آهي تہ ڳوٺن توڙي شهرن ۾ زخمي ٿي پوڻ يا موت جو شڪار ٿي وڃڻ جو وڏو سبب روڊ حادثا ئي آهن؟ ٽريفڪ پوليس واري جي اهائي ذميداري هوندي آهي تہ هو روڊ تي پيش ايندڙ حادثن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪن تہ جيئن ماڻهو روڊ کي آسانيءَ سان استعمال ڪري سگهن ۽ ان کي پار ڪري سگهن.“

”اهو سڄو ڪم توهان ڪيئن ڪندا آهيو؟ ڇا توهان ماڻهن کي روڊ تي هلڻ کان روڪيندا آهيو؟“ راجو پڇيس.

”ماڻهن کي روڊ پار ڪرڻ کان روڪبو تہ اهي پنهنجي پنهنجي منزل تي ئي نہ پهچي سگهندا، ڇاڪاڻ جو روڊ تہ هر هنڌ آهن. منهنجو ڪم اهو هوندو آهي تہ ماڻهن کي سلامتي سان روڊ پار ڪرايان. انهيءَ لاءِ آئون ماڻهن کي ان وقت روڊ پار ڪرڻ ڏيندو آهيان، جڏهن روڊ تي گاڏيون گهٽ هجن يا وري اهي آهستي هلي رهيون هجن. روڊ تي جيڪڏهن گاڏيون تيز تيز هلي رهيون هجن تہ ان وقت روڊ پار ڪرڻ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي.“ سندس چاچي چيو.




راجو جي چاچي پنهنجي ڊريس پاتي ۽ پنهنجي ڊيوٽي تي وڃڻ لاءِ روانو ٿيو. هو راجو کي ٻہ پاڻ سان گڏ وٺي ويو. هو ٻئي ڄڻا اڇي رنگ جي هڪ وڏي موٽرسائيڪل تي روانا ٿيا، جيڪا راجو کي ڏاڍي پسند هوندي هئي. هو هڪ اسڪول وٽ اچي بيٺا، جتي گيٽ جي ڀرسان پاسي کان راجو کي ڪيترائي ٻار راند ڪندي نظر آيا.

”چاچا اسان هتي ڇا پيا ڪريون؟ آئون هتي اسڪول وڃڻ لاءِ ڪونہ آيو آهيان آئون تہ اسڪول جي موڪلن تي هيان.“ راجو پريشان ٿيندي چيو.



”راجو... اسان هتي انهي ڪري آيا آهيون، جو هتي منهنجي ڊيوٽي لڳل آهي. پنجن منٽن بعد موڪل جي گھنٽي وڄندي ۽ سيئي ٻار گهر وڃڻ لاءِ گيٽ ڏانهن ڊوڙ پائيندا پر گيٽ کان ٻاهران هن پاسي ڏانهن تمام گھٽي ٽريفڪ وارو جيڪو روڊ ڏسين ٿو سو ڏاڍو خطرناڪ آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻار عام طور تي روڊ پار ڪرڻ وقت ٻنهي پاسن کان ٽريفڪ کي جانچي پوءِ روڊ پار نہ ڪندا آهن. هو ائين ئي ڪٽي روڊ تي ڊوڙ پائيندا آهن، جيڪو تمام خطرناڪ ڪم آهي.“ راجو جي چاچي چيو.





”واقعي ٻارن کي روڊ سلامتيءَ سان پار ڪرڻ لاءِ ڪجھ سکڻ گھرجي“ راجو پنھنجي چاچي سان اهو واعدو ڪندي چيو تہ آئنده هو هميشہ ٽريفڪ جي اصولن جي پابندي ڪندو تہ جيئن هو پاڻ ۽ هن جا دوست سلامتيءَ سان روڊ پار ڪري سگھن.

”ها......... جيڪڏهن ٻار سائنس، انگريزي ۽ ٻين مضمونن جي تعليم حاصل ڪري سگھن ٿا تہ پوءِ هو اهو بہ سکي سگھن ٿا تہ روڊن تي ڪيئن محفوظ رهجي. ڇا اوهان کي اها خبر آهي تہ روڊ تي ٿيندڙ حادثن ۾ ٻار ئي وڏ ۾ وڏ زخمي ٿين ٿا.“ راجو جي چاچي چيو.” ٻارن کي هميشہ اهو سکڻ جي ڪوشش ڪرڻ گھرجي تہ روڊ جي ڪھڙي پاسي کان پنڌ هلڻو آهي، ڪھڙي پاسي کان سائيڪل هلائجي ۽ ڪنهن وڏي روڊ کي پار ڪندي ڪھڙين ڪھڙين جڳھين کي ڏسي واسي پوءِ روڊ پار ڪجي.

”ٻارن توڙي ڪجھ وڏي عمر جي ماڻھن جي اها سوچ هوندي آهي تہ روڊ جي وچ وارو حصو پنڌ ڪرڻ لاءِ نھيل آهي. جڏهن تہ حقيقت ۾ اهو گاڏين جي هلڻ لاءِ هوندو آهي.“ راجو جي چاچي چيو.


راجو کي هاڻي پنھنجي پيءُ جي چيل ڳالھ ياد آئي تہ ڪيس پنھنجي چاچي وٽان ڪيترين ئي ڳالھيون سکڻ جو موقعو ملندو. راجو کي انھيءَ ڳالھ جي ڏاڍي خوشي هئي تہ سندس چاچي ڪيس روڊ تي سلامتي بابت ڪيترين ئي ڳالھيون سمجھايون. هن کي محسوس ٿيو تہ جيڪڏهن ٻار ۽ وڏي عمر جا ماڻھو روڊ تي سلامتي ۽ ٽريفڪ جي بنيادي اصولن بابت ڄاڻ حاصل ڪن تہ جيئن ڪيترن ئي قسم جي حادثن کان پنھنجو پاڻ کي محفوظ رکي سگھن ٿا.

پورو ٿيو

# ٻارن لاءِ مفيد معلومات



- انهيءَ ڳالهه کي يقيني بڻايو تہ توهان جي سائيڪل جي چين، گهنٽيون، بريڪون ۽ ٽائر بلڪل صحيح نموني سان پيا ڪم ڪن. سائيڪل هلائيندي وقت هميشہ هيلمٽ پائي رکندا ڪريو، ڇاڪاڻ تہ خدا نہ خواستہ ڪو حادثو پيش اچي بہ وڃي ٿو تہ اهو هيلمٽ ڪافي حد تائين اوهان جو بچاءُ ڪندو.
- ڪنهن اهڙي سائيڪل تي سواري نہ ڪريو، جيڪا اوهان جي قد کان بنهہ وڏي يا وري بنهہ ننڍي هجي. ائين ڪرڻ سان سائيڪل جو توازن نہ رهندو آهي. انهيءَ ڪري هميشہ پنهنجي قد سان مطابقت رکندڙ سائيڪل تي سواري ڪريو.



- جيڪڏهن توهان جو بال روڊ پار ڪري ويو آهي تہ ان جي پٺيان ڀڄڻ جي ڪا ضرورت ناهي. ٿوري دير لاءِ بيهي، ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ جي آواز تي ڪن ڏيو ۽ چڱيءَ طرح ڏسي وائسي پوءِ بال واپس ڪٽي اچڻ جي ڪوشش ڪريو. روڊ جي ويجهو پيل بال واپس ڪٽي اچڻ لاءِ ڪڏهن بہ ڪنهن ٻار کي نہ موڪليو.



- جيڪڏهن خدانہ خواستہ توهان جي هٿان ڪو حادثو ٿي ويو آهي تہ توهان کي گهرجي تہ زخمين جي مدد ڪريو. توهان انهيءَ لاءِ فوري امداد خاطر هنگامي مرڪزن تي فون ڪري سگهو ٿا ۽ ڪنهن حد تائين ٽرئفڪ کي بہ روڪي سگهو ٿا.
- جيتوڻيڪ هڪ ناتجربيڪار ماڻهو لاءِ حالات جي سنگيني کي سمجهڻ ۽ فوري امداد فراهم ڪرڻ هڪ ڏکيو ڪم هوندو آهي، پر توهان کي گهرجي تہ زخمي ٿيل ماڻهو اگر هوش و حواس ۾ آهي تہ ان سان ڳالهائي ڪيس تسلي ڏيو. حادثو ڪندڙ گاڏي جو نمبر ضرور نوٽ ڪريو.




- پنھنجي اسڪول جي روڊ سيفٽي برگيڊ جو ميمبر ٿي روڊ سيفٽي جا ضروري قاعدا سکڻ گھرجن. رضاڪارانہ طور تي روڊ سيفٽي آفيسر بڻجي ماڻھن جي مدد ڪريو، جنھن سان ماڻھو روڊ تي محفوظ ھلي



- رات جي وقت يا خراب موسم جي وقت ھميشہ چمڪندڙ ڪپڙا پائيندا ڪريو. ريشمي ڌاڳي وارا چمڪيلا ڪپڙا وڌيڪ بھتر رھندا. چمڪندڙ ڪپڙا رات جي اونداھي ۾ نظر ايندا آھن. جيڪڏھن ممڪن ھجي تہ روڊ کي زيبرا ڪراسنگ يا ٽريفڪ جي سگنل وٽان ئي پار ڪريو جتي ڪو نہ ڪو ٽريفڪ پوليس وارو يا روڊ سيفٽي آفيسر موجود ھوندو آھي.

- جيڪڏھن انھيءَ گاڏي ۾ سيٽ وارا پٽا (Seat Belts) لڳل آھن تہ ان ڳالھہ کي يقيني بڻايو تہ توھان اھي پنھنجي جسم تي ٻڌي رکيا آھن.
- دريءَ مان منھن ٻاھر ڪڍي جھڪي ٻاھر ڏسڻ کان ھميشہ پرھيز ڪريو، نہ ئي وري ڪا شيءِ بس مان ٻاھر اڇليو.
- آئيني ۾ ڊرائيور جي نظر کي نہ روڪيو. صرف ان وقت گاڏي جا دروازا ۽ دريون کوليو جڏھن ائين ڪرڻ محفوظ ۽ سلامتيءَ وارو ھجي.







# راجو جي ملاقات

عام طور تي روڊ سيفٽي جي معاملي کي گهڻ اهميت ڏني ويندي آهي. جڏهن ته روڊ حادثن جي شرح مان پتو پوي ٿو ته انهن جو وڏو شڪار ٻار ئي ٿين ٿا، جيڪا ڳالهه تمام گهڻي توجهه طلب آهي. ٻار دل ۾ اهو احساس رکن ته روڊ تي محفوظ رهڻ جا به ڪي ضروري اصول ۽ قاعدا ٿيندا آهن ته پنهنجو پاڻ کي روڊن تي محفوظ رکي سگهن ٿا. هن ڪهاڻي ۾ راجو شهر ڏي پنهنجي چاچي جي گهر وڃي ٿو، جيڪو کيس روڊ سيفٽي بابت ڳالهيون سيکاري ٿو.


روڊ سيفٽي جي حوالي سان ڪهاڻين جو سلسلو روڊ سيفٽي ايجوڪيشن پروگرام تحت ڏنو ويو آهي، جيڪو روڊ سيفٽي ڊويلپمنٽ ڊائريڪٽوريٽ حڪومتِ سنڌ ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن طرفان نافذ ڪيو پيو وڃي. هن سلسليوار ڪتاب ۾ ڪجهه وڌيڪ ڪهاڻيون هي آهن:




راجو جو خواب




ببلو جي سياڻپ




راجو جا زخم



ڳوٺ ۾ هي ڪير آيو....!



روڊ تي کيڏڻ جا پنهنجا مزا آهن



راجو جي نئين سائيڪل


مصنف: يوشع ذَڪيُ الدين | تصويرون ۽ تشريح: عديل الظفر | ترجمو: گل بيگ گرگيج | ڪمپوزنگ: خادم حسين

شايع ڪرائيندڙ: سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن



پلاٽ- 9، بلاڪ-7، ڪهڪشان، ڪلفٽن-5، ڪراچي 75600- پاڪستان.

فون نمبر 111-424-111 (21-92)   فيڪس :9251652 (21-92)

اي ميل : info@sef.org.pk   ويب سائيٽ: www.sef.org.pk


روڊ سيڪٽر ڊويلپمينٽ ڊائريڪٽوريٽ
ورڪس اينڊ سروسز ڊپارٽمينٽ
حڪومتِ سنڌ

سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن
حڪومتِ سنڌ